# ساون گاهن جي بهتر پيداوار جا رهنما اصول

## تربيتي ڪتابچو



اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور

ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk

Australian AID

Charles Sturt University

# مهاڳ

اي ايس ايل پي ڊيري پروجيڪٽ آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومت جي وچ ۾ هڪ اهڙو منصوبو آهي. جنهن جو مقصد توسيعي سڪيا جي ذريعي ننڍن ڊيري فارمرز جي جانورن ۾ کير جي پيداوار وڌائي ان جي معاشي ۽ معاشرتي حالت ۾ بهتري آڻي سگهجي. کير جي پيداوار ۾ اضافو صرف انهي وقت ممڪن هوندو جڏهن ڊيري فارمرز کي پنهنجي جانورن جي رهائش، خوراڪ، صحت ۽ نسل وڌائڻ جهڙن تمام بنيادي ڪمن جي مڪمل ڄاڻ هجي.

هن تربيتي ڪتاب جو مقصد ڊيري فارمرز کي ساون گاهن جي في ايڪڙ پيداوار ۽ معياري ساوا گاهه حاصل ڪرڻ کان علاوه سڄو سال ساون گاهن جي فراهمي کي ممڪن بڻائڻ جي متعلق مڪمل ڄاڻ ڏيڻ آهي ته جيئن في جانور ۾ سراسري پيداوار ۾ اضافو ٿي سگهي جنهن سان پاڪستان جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ ماڻهن جي روزمرح جي زندگي کي بهتر بنائڻ ۾ مدد ملندي. هن تربيتي ڪتابچي کي نيوٽريشن فوڪس گروپ ۽ زرعي تحقيقي اداري ٽنڊوڄام جي ٽيڪنيڪي مدد سان ناهيو ويو آهي . هن ترتيبي ڪتاب مان نه صرف ڊيري فارمرز، پرڳوٺن ۾ ويٽرنري ورڪرز، ويٽرنري اسسٽنٽ ۽ ويٽرنري ڊاڪٽر به فائدو وٺي سگهن ٿا. هن ترتيبي ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا ٿورائتا آهيون.

ڊيري ٽيم

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1- اهميت | 1 |
| 2- ٻج جي چونڊ | 2 |
| 3- زمين جي تياري جا مرحلا | 6 |
| 4- خريف جا ساوا گاهہ | 10 |
| 5- ربيع جا ساوا گاهہ | 17 |
| 6- ساون گاهن جي گڏيل پوکائي | 21 |
| 7- گند گاهن ۽ ڪيڙن جو خاتمو | 26 |
| 8- ساون گاهن جي ڪٽائي جو صحيح وقت | 27 |
| 9- ساون گاهن جي ڪوٽ جا سبب | 30 |
| 10- ڳوٺاڻي سطح تي ٻجن جي پيداوار جي لاءِ منظم منصوبہ بندي | 32 |



مختلف جانورن جي چيٽي ۾ ڪيميائي جزا مختلف قسم جا هوندا آهن ۽ انهن جي زمين ۾ حل ٿيڻ جي صلاحيت به مختلف هوندي آهي. تنهن ڪري زمين جي ضرورت جي مطابق جانورن جو پاڻ وجهڻ کان پهرين ان جو تجزيو به ڪرائڻ گهرجي. عام طور تي پوکائي کان هڪ مهينو پهرين ٽي کان چار ٽريڪٽرن جون ٽراليون ڳريل سڙيل جانورن جو پاڻ في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي.

## ساون گاهن جي پوکائي

### خريف جا ساوا گاهه



**جوئر** هي گاهه گرم ۽ خشڪ آبهوا کي برداشت ڪرڻ جي ڪري سڄي ملڪ ۾ گهڻي مقدار ۾ پوکيو وڃي ٿو. هن ۾ خشڪ مادي جو تناسب تقريبن 30 سيڪڙو جڏهن ته لحميات 7 کان 10 سيڪڙو موجود هوندو آهي.



| جنسون | ذريعو | |
|---|---|---|
| | جڳهه | رابطو نمبر |
| • لوڪل | لوڪل مارڪيٽ | |
| • جوئر (هائبرڊ) | پائنير، جالنڌهر، آئي . سي . آئي وغيره | |



| | |
|---|---|
| پاڻي جو استعمال | مينهن نہ پوڻ جي صورت ۾ 3 کان 4 دفعا پاڻي ڏيو |
| ڪيڙن جو خاتمو | ڪاني جي گڏر جي سنڍي جي خاتمي جي لاءِ فيوراڊان 8 کان 10 ڪلو گرام في ايڪڙ پوکائي جي وقت يا پهرئين پاڻي سان استعمال ڪريو |
| لڻائي ڪرڻ جو صحيح وقت | 50 سيڪڙو فصل تي گل اچڻ تي يا پوکائي جي 65 کان 70 ڏينهن کانپوءِ لاپارو بهتر سمجهيو ويندو آهي . |
| پيداوار | ميداني علائقا: 200 کان 300 مڻ في ايڪڙ<br>نهري علائقا: 500 کان 700 مڻ في ايڪڙ<br>ملٽي ڪٽ: 1300 کان 1500 مڻ في ايڪڙ |



| | |
|---|---|
| ڪيڙن جو خاتمو | جئي کي سينور ڪش دوائون لڳائي پوکائي ڪرڻ سان فصل کي سلي جي بيمارين کان بچائي سگهجي ٿو . |
| لڻائي ڪرڻ جو صحيح وقت | 50 سيڪڙو گل اچڻ تي يا پوکائي جي 45 کان 60 ڏينهن بعد لاپارو ڪريو |
| پيداوار | 700 کان 800 مڻ في ايڪڙ |

## ساون گاهن جي گڏيل پوکائي

گاهن جي پاڻ ۾ مشابهت جي لحاظ کان گڏ پوکائي ڪرڻ جي عمل کي گڏيل پوک چوندا آهن . انهي طريقي سان نہ صرف پيداوار پر غذائيت کي بہ ڪنهن حد تائين وڌائي سگهجي ٿو . عام طور تي هن طريقي سان هڪ گاهہ جي گهٽ غذائيت کي ٻئي گاهہ سان پورو ڪري سگهجي ٿو . مثال طور غير ڦرين وارن گاهن کي ڦرين وارن گاهن سان پوکائي ڪرڻ سان گاهن جي مجموعي غذايت کي وڌائي سگهجي ٿو .

| خريف جا گاهہ | ربيع جا گاهہ |
|---|---|
| چونئرا + جوئر | برسيم + جئي |
| چونئرا + مکئي | برسيم + سرنهن |
| گوار + مکئي | لوسڻ + جئي |



| | |
|---|---|
| پوکڻ جو طريقو | عام طور تي ڇٽ جي ذريعي پوکائي ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته ناڙي ڪرڻ جي صورت ۾ انهي جي وچ ۾ هڪ فوٽ جو فاصلو رکو |
| پاڻي جو استعمال | بارش نه ٿيڻ جي صورت ۾ 3 کان 4 دفعه پاڻي ڏيو |
| ڪيڙن جو خاتمو | لشڪري ڪيڙي جي حملي جي صورت ۾ 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ فيوراڊان استعمال ڪريو . |
| لڻائي ڪرڻ جو صحيح وقت | 50 سيڪڙو فصل تي گل يا ڦريون اچڻ تي يا پوکائي جي60 ڏينهن کانپوءِ ڪٽائي ڪريو . |
| پيداوار | 500 کان 600 مڻ في ايڪڙ |



| | |
|---|---|
| پاڻي جو استعمال | موسمي حالت کي نظر ۾ رکندي 15 کان 20 ڏينهن بعد پاڻي ڏيو |
| ڪيڙن جو خاتمو | جٺي کي سيٺور ڪش دوائون لڳائي پوکائي ڪرڻ سان فصل کي بيمارين کان بچائي سگهجي ٿو . برسيم تي لشڪري ڪيڙي جي حملي جي صورت ۾ اميڊا ڪلوپريڊ 250 گرام في ايڪڙ 100 ليٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو پر بهتر اهو ٿيندو ته ڪيڙن جي حملي جي صورت ۾ برسيم کي لئي چڏجي ته جيئن ڀيهر ڦوٽهڙو ڪري . |
| لڻائي ڪرڻ جو صحيح وقت | پهريون لوب : پوکائي جي 50 کان 60 ڏينهن بعد<br>ٻيو لوب : پهرين ڪٽائي جي 35 کان 40 ڏينهن بعد |
| پيداوار | 1200 کان 1400 مڻ في ايڪڙ |



# ساون گاهن جي کوٽ جا سبب

اسان جي ملڪ ۾ ساون گاهن جي کوٽ سال ۾ ٻه دفعا مئي، جون ۽ نومبر، ڊسمبر جي مهينن ۾ ٿيندي آهي . سائي گاهن جي کوٽ کي پورو ڪرڻ جي لاءِ وقت تي پوکائي ۽ وڌيڪ لوب ڏيڻ وارن ساون گاهن جي پوکائي  کان علاوه انهن کي محفوظ ڪرڻ جا مختلف طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا . جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو .

## ساون گاهن جي پوکائي جي بهتر منصوبه بندي

گاهن جي پوکائي جي لاءِ ٻر وقت ۽ بهتر منصوبه بندي ڪرڻ سان ان جي کوٽ کي قابو ۾ آڻي سگهجي ٿو . عام طور تي شديد موسمي اثرن ۽ نائي وارن فصلن کي نيڪال ڪرڻ ۾ دير ٿيڻ جي ڪري گاهن جي بروقت پوکائي کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو . فيبروري، مارچ ۽ سيپٽمبر، آڪٽوبر ۾ گاهن جي پوکي ڪري گاهن جي کوٽ کان بچي سگهجي ٿو .

## وڌيڪ لوب ڏيڻ وارن فصلن جي پوکائي

وڌيڪ لوب ڏيڻ وارن گاهن جي پوکائي سان گاهن جي کوٽ جو پورائو ڪري سگهجي ٿو . انهن گاهن ۾ لوسڻ، وڌيڪ لوب ڏيندڙ ٻاجهر، سدا بهار، ماٽ گراس ۽ روڊ گراس وغيره شامل آهن.انهن کي هڪ دفعو پوکائي ڪري ڪيترن ئي سالن تائين غذائيت سان ڀرپور ساوا گاهه حاصل ڪري سگهجن  ٿا . ان کان علاوه وقت جي بچت سان گڏو گڏ مزدوري ۽ پوکائي تي اچڻ وارن وڌيڪ خرچن کان به بچي سگهجي ٿو .



## طريقو

- هيئي يا خشڪ گاهه ٺاهڻ جي لاءِ اهڙي ڏينهن جي چونڊ ڪريو جنهن ۾ مينهن ۽ اُس وغيره جو خدشو نه هجي .
- گاهه کي سڪائڻ لاءِ گاهه جي لڻائي ڪري ٻنيءَ ۾ ترتيب سان پکيڙي ڇڏجي .
- ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي گاهه جو پاسو اٿلائجي ته جيئن گاهه مڪمل طور سڪي وڃي .
- گاهه گرمين ۾ 2 کان 4 ڏينهن ۽ سياري ۾ 5 کان 6 ڏينهن ۾ سڪي ويندو آهي .
- گاهه خشڪ ٿيڻ کانپوءِ ٻئي ڏينهن سج نڪرڻ کان پهرين گڏ ڪري ونجي ته جيئن پن ڏانڊيءَ مان الڳ نه ٿين .
- سڪل گاهه جا گڏا ٺاهي انهن کي صاف سٿري چانئٺ ۽ هوا دار جڳهه تي محفوظ ڪجي .



تنھن ڪري ڳوٺاڻي سطح تي ٻجن جي پيداوار ڪي وڌائڻ جي لاءِ ڪجھ ھدايتون ھيٺ ڏجن ٿيون :

- بھتر سوچ، ايڪو رڪنڊڙ، وسيلن ۽ ساون گاھن جو ٻج ڳاھڻ جو تجربو رکندڙ فارمرن جي ھڪ تنظيم ٺاھي وڃي تہ جيئن وسيلن کي گڏجي ڪارآمد بڻائي سگھجي.
- انھي تنظيم جا ميمبر پاڻ ۾ پنھنجي مشورن، قائدن ۽ ضابطن کي اھڙي طرح ترتيب ڏين تہ ھرميمبر نفعي ۽ نقصان ۾ برابر جو حصيدار ھوندو.
- ٻجن جي جديد تصديق ٿيل ٻجن تائين رسائي ۽ ٽيڪنيڪل رھنمائي جي لاءِ تنظيم جي ميمبرن جو حڪومت جي منتخب ڪيل ادارن سان رابطو تمام ضروري آھي.
- مقامي حالتن کي نظر ۾ رکندي منافع بخش مارڪيٽنگ جي لاءِ ڀرپور حڪمتِ عملي ڪئي وڃي ۽ باقائدگي سان انھي ماڊل جو غور وچار سان تجزيو ڪندا رھن.
- ڪاروبار کي وڌائڻ جي لاءِ تنظيم پنھنجي آس پاس جي ڳوٺن ۾ تربيتي پروگرام بہ ڪندي رھي .



Charles Sturt University

Australian AID

# اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور

فون: 042-37212339 ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk